# ٦. سچو ڌرم

ٻُڌو، پڙهو ۽ سمجهو.



بزرگن جي چوڻي آهي تہ پاڙو اَبو اَمڙ ٿيندو آهي. مٽن - مائٽن کان وڌيڪ پاڙيسري مددگار ثابت ٿيندا آهن. پر پريم نگر ۾ رهندڙ سرواننڊ شاستري ۽ موُلانا محمد علي اِن چوڻي جي اُبتڙ ئي ڪم ڪري رهيا هئا. ٻنهي جا گهر هڪ ٻئي جي سامهون هئا. هو جڏهن بہ هڪ ٻئي جي سامهون اَچي ويندا هئا تہ هڪ ٻئي کان مُنهن ڦيري اَهڙي ريت هليا ويندا هئا جو سندن چهرن مان ڌرمي ۽ مذهبي ڪٽرپڻو لڪي نہ سگهندو هو.

ٻئي طرف ٻنهي جي ٻارن ۾ پاڻ دوستي هئي. هو مائٽن کان لڪي لڪي پاڻ ۾ گڏجي راند - روُند ڪندا هئا. هڪ ڏينهن پر واري باغ ۾ شاستريءَ جي پندرهن ورهين جي نرملا اُباڻڪي ويٺي هئي تہ موُلانا محمد عليءَ جو ڏهن ورهين جو پٽ رحيم آيو. پنيان اَچي نرملا جون اکيون هٿن سان بند ڪيون تہ سندس هٿ آلا ٿي ويا ۽ هو وائڙو ٿي ويو. ”ديدي! ڇا تون روئي رهي آهين؟“

”رحيم، اَڄ ’رکشا بنڌن‘ جو ڏڻ آهي!“

”تہ ڇا، رکشا بنڌن ڏينهن ڇوڪريون روئنديون آهن؟“

”نہ، رکشا بنڌن تي ڀينر، پنهنجي ڀائرن کي رکڙي ٻڌنديون آهن. پر مونکي تہ ڪو ڀاءُ ڪونهي! اِن ڪري اَکين ۾ پاڻي ٿو اَچي. من بہ اُداس ٿئي پيو!“

”ديدي، تون مونکي ئي پنهنجو ڀاءُ سمجهہ.“

نرملا جي اُداسي پَر ڪري اُڏامي وئي ۽ سندس اکين ۾ عجيب خوشيءَ جي چمڪ اچي وئي. نرملا

هڪدم، رحيم کي رڪڙي ٻڌي ڇڏي. ”اَڄ کان تون ئي منهنجو ڀاءُ آهين، توکي ئي منهنجي رکشا ڪرڻي پوندي.“

”ديدي، مان ته اَڃا ننڍڙو آهيان.“ رحيم ڪلندي چيو، ”تون وڏي آهين. پاڻ توکي ئي منهنجي رکشا ڪرڻي پوندي.“

نرملا ۽ رحيم جي ٽهڪڙن سان ماحول ۾ پوترتا جي سڳنڌ پکڙجي ويئي.

هڪ ڏينهن رحيم پنهنجي هم ڪِلاسين سان گڏ، اِسڪول وڃڻ لاءِ پل پار ڪري رهيو هو جو، هڪ شيطان ڇوڪري کيس ڌڪو ڏنو ۽ رحيم نديءَ ۾ ڪري پيو. ٻين ڇوڪرن واڪا ڪرڻ شروع ڪيا. ”بچايو بچايو... رحيم کي بچايو. هو نديءَ ۾ ٻڏي رهيو آهي. پر ڪنهن به کي نديءَ ۾ ٽپو ڏيڻ جي همٿ ڪونه ٿي. اُن وقت نرملا، به پنهنجي ساهيڙين سان پُل تان لنگهي ته ڪَنَ تي آواز پيس. هن ڏٺو ته رحيم غوطا کائي رهيو هو. کيس ترڻ ڪونه ٿي آيو. ڪنارو پري ڪونه هو. نرملا هڪدم نديءَ ۾ ٽپو ڏنو ۽ گهڻي جفاڪشي ڪري رحيم کي ڪناري تائين گهلي آئي.

ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اِسڪول ڪونه ويا ۽ رحيم کي اسپتال کڻي ويا. نرملا ڊاڪٽر کي چيو - ”هي رحيم آهي. منهنجو ننڍڙو ڀاءُ. مان پريم نگر ۾ رهندي آهيان. رحيم جي بابا جو نالو مؤلانا محمد علي آهي. مان توهانکي اَڊريس ٿي ڏيان - کيس اطلاع ڏيئي گهرائي وٺو!“

رحيم جي پيٽ ۾ پاڻي پرجي ويو هو. ڊاڪٽر سندس پيٽ مان پاڻي ٻاهر ڪڍيو. رحيم جو بابو مؤلانا محمد علي اِسپتال ۾ پهچي ويو. ايتري ۾ نرملا جو پتا سرواننڊ شاستري به اُتي اَچي پهتو. مؤلانا جي پُٽ رحيم کي نرملا بچايو هو. اِهو ٻڌي مؤلانا جي من مان مذهبي ڪٽرپڻو اُڏامي ويو ۽ نرملا کي ڀاڪر پائي شاباسي ڏنائينس. شاستري ۽ مؤلانا جي اکين ۾ آنسون تري آيا. هڪ ٻئي کي چيائون، ”انسانيت ئي سڀ کان وڏو ۽ سچو ڌرم آهي!“

**نوان لفظ:**

اُباڻڪي = اَڪيلي
غوطا کائڻ = ٻڏيون هڻڻ
جفاڪشي = ڪشمڪش
اِطلاح ڏيڻ = ڄاڻ ڏيڻ

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) ٻارڱن جي ڪهڙي ڇوٽي آهي؟
٢) سرواننڊ شاستري ۽ مؤلانا هڪ ٻئي کان منهن ڦيري ڇو هلندا هئا؟
٣) رحيم ۽ نرملا جو پاڻ ۾ ڪهڙو ناتو هو؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) باغ ۾ نرملا اُباڻڪي ٿي ڇو ويٺي هُئي؟
٢) رحيم نديءَ ۾ ڪيئن ڪري پيو؟
٣) نرملا رحيم کي ڪيئن بچايو؟
٤) مؤلانا محمد جو مذهبي ڪٽرپڻو ڪيئن اُڏامي ويو؟

**سوال ٣: هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

غوطا کائڻ، ٽِپي پوڻ، اِطلاح ڏيڻ، جفاڪشي ڪرڻ.

**سوال۴: هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ”اَڄ رڪشابنڌن جو ڏڻ آهي.“

٢) ”مان تہ اَڃا ننڍڙو آهيان.“

٣) ”مان پريم نگر ۾ رهندي آهيان.“

۴) ”اِنسانيت ئي سڀ ڪان وڏو ۽ سچو ڌرم آهي.“

**سوال۵: هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

اُبتڙ، دوستي، پنيان، اُداس، ڌرمي.

**سوال٦: هيٺين لفظن جون صفتون لکو.**

پوتر، اُباڻڪائي، مدد، عجب

---

## پورڪ اَڀياس

### ١) ڪر تي عملي ڪم

بزرگن جي چوٽي آهي ........................................ ڪترپٽو لڪي نہ سگھندو آهي.

**(i) ’مت مائٽ‘ هڪ مرڪب لفظ آهي. هيٺ ڏنل چوڪنڊي مان مناسب لفظ چونڊي مرڪب لفظ پورا ڪريو:-**

پڇ، پار، واڙ، پاڙو، حواس

| | | | |
|---|---|---|---|
| هوش | | ڪوٽ | |
| ساڙ | | آر | |

**(ii) ڏنل هدايت پڙهي جملا وري لکو**

١) بزرگن جي چوٽي آهي (ليڪ ڏنل لفظ بدران مناسب لفظ ڪم آڻيو.)

٢) ٻنهي جا گھر هڪ ٻئي جي سامهون هئا (جملي ۾ ’لڳہ ڀڳہ‘ لفظ ڪم آڻيو.)

٣) پاڙو اَبو اَمڙ ٿيندو آهي (جملو ’اِهو سچ آهي‘ سان شروع ڪريو.)

۴) متن مائٽن کان پاريسڙي وڌيڪ مددگار ثابت ٿيندا آهن.
(جملي کي عدد واحد (Singular) ۾ بدلايو.)

**(iii) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو:**

١) نگر جو نالو

٢) پريم جو ساڳي ۽ معنيٰ وارو لفظ

٣) گھٽ جو ضد

LWTDNG